# سنڌ ايڪٽ نمبر **XXIV** مجريه **1974**

# SINDH ACT NO.XXIV OF 1974

## سنڌ جي پارليامينٽري سيڪريٽرين (جي پگهارن، الائونسز ۽ مراعتن بابت) سنڌ ايڪٽ، 1974

## THE SINDH PARLIAMENTARY SECRETARIES (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) ACT, 1974

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. وصفون.

Definitions

3. پگهار ۽ مراعتون.

[Salary and Privileges]

4. روزانه الائونس.

Daily Allowance

5. رهائش

Accommodation

6. پيون سهولتون

Other Facilities

.7 موڪل

Leave.

.8 سفري الائونس

Travelling Allowance

.9 دوا درمل جو خرچ

[Medical Reimbursement]

**سنڌ ايڪٽ نمبر XXIV مجريه 1974**

**SINDH ACT NO.XXIV OF 1974**

سنڌ جي پارليامينٽري سيڪٽرين (جي پگهارن، الائونسز ۽ مراعتن بابت) سنڌ ايڪٽ، 1974

**THE SINDH PARLIAMENTARY SECRETARIES (SALARIES,**

# ALLOWANCES AND PRIVILEGES) ACT, 1974

**[26 نومبر 1974]**

تمهيد (Preamble)

پارليامينٽري سيڪريٽري جي پگهارن، الائونسز ۽ مراعتن بابت ايڪٽ.

جيئن ته سنڌ جي پارليامينٽري سيڪريٽرين کي پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون ڏيڻ جي تقاضا آهي.

ان ڪري هن طرح ايڪٽ جوڙيو پيو وڃي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1. (1) هن کي سنڌ جي پارليامينٽري (جي پگهارن، الائونسز ۽ مراعتن بابت) ايڪٽ THE SINDH PARLIAMENTARY SECRETARIES (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) ACT, 1974 چيو ويندو.

(2) اهو هڪدم عمل ۾ ايندو.

وصفون.
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين تناظر جي تقاضا نه آهي ته هنن اظهارن ()لفظن ۽ اصطلاحن) جون معنائون اهي ئي آهن، جيڪي انهن سان منسوب آهن، چوڻ جو مقصد اهو آهي ته؛

(a) "اسيمبلي" معنيٰ سنڌ جي صوبائي اسيمبلي.

(b) "پارليامينٽري سيڪريٽري" جو مطلب آهي جنهن کي چيف منسٽر پارليامينٽري سيڪريٽري طور مقرر ڪيو هجي.

(c) "سيشن" جو مطلب آهي اهو وقت جيڪو اسيمبليءَ جي پهرين اجلاس جي تاريخ کان شروع ٿئي، جڏهن اجلاس سڏايو ويو هجي ۽ اجلاس جي ختم ٿيڻ يا ٽوڙڻ تائين هجي.

پگهار ۽ مراعتون.
[Salary and Privileges]

3. [1][پارليامينٽري سيڪريٽري انهيءَ جو حقدار هوندو ته:

---

[1]. دفعه 3 ۾ ترميم، سنڌ ايڪٽ نمبر VII مورخه 13.03.1996 ۾ لفظ بدلايا ويا.

(i) ڏهه هزار هڪ سئو ۽ نوانوي روپين جو پگهار، ۽

(ii) 31 آگسٽ 1995 تائين درماهه هڪ هزار روپين جو آرڊرلي الائونس، ۽ پهرين سيپٽمبر 1995 کان هڪ هزار ۽ ڇهه سئو روپين جو آرڊرلي الائونس.

(iii) ملڪ ۾ جوڙيل، 1300cc سرڪاري خرچ واري ڊرائيور جو استعمال]

روزانه الائونس.
Daily Allowance

رهائش
Accommodation

پيون سهولتون
Other Facilities

موڪل
Leave

پارليامينٽري سيڪريٽري روزانو [هڪ سئو پنجويهه روپين] الائونس جو حقدار هوندو، جيڪو اجلاس هلڻ کان به ڏينهن اڳ شروع ٿيندس ۽ اجلاس جي پڇاڙيءَ کانپوءِ جي ٻن ڏينهن تائين لاءِ هوندو. اجلاس هلندي هر ڏينهن لاءِ پنجهتر روپين جو الائونس کڻندو.

وضاحت:- فقط هڪ ڏينهن لاءِ وڌيڪ روزانو الائونس کڻي نه سگهبو.

[1].4-A] (1) پارليامينٽري سيڪريٽريءَ کي بنان مسواڙ جي سرڪاري رهائش ملندي.

(2) جتي پارليامينٽري سيڪريٽريءَ کي

سفري الائونس
Travelling Allowance

سرڪاري آفيس مهيا نه ٿي ٿئي يا هو پنهنجي سر رهي ٿو، ته هن کي [1]1991ع ملندڙ بنيادي اسڪيل 21 واري عملدار کي مسواڙ جو پنجيتاليهه سيڪڙو مسواڙ ڏني ويندي.

4-B. پارليامينٽري سيڪريٽري هن جو حقدار هوندو ته:

(1) ڪل وقتي اسٽينو ٽائپسٽ ۽ نائب قاصد جون خدمتون حاصل ڪري،

(2) [2]21 گريڊ جي اسڪيل مطابق گهر ۽ آفيس ۾ سرڪاري خرچ تي فون جو استعمال.]

4-C . (1) صحت يا ذاتي ڪم ڪارڻ چيف منسٽر پارليامينٽري سيڪريٽريءَ کي وقت به وقت موڪل ڏئي سگهي ٿو، پر اها سموري منصب واري عرصي دوران ٽن مهينن کان مٿي نه هوندي.

(2)پارليامينٽري سيڪريٽري پنهنجي پگهار برابر موڪل وارو الائونس جو حقدار هوندو.

4-D. (1) پارليامينٽري سيڪريٽري فرائض منصبي ادا ڪندي سفر دوران [3][بنيادي اسڪيل 21 واري آفيسر] جي اسڪيل مطابق سفري الائونس کڻڻ جو حقدار هوندو.

(2)اهو منسٽر، جنهن سان پارليامينٽري سيڪريٽري لاڳاپيل هوندو، سو هن سفري الائونس لاءِ ڪنٽرولنگ اٿارٽي هوندو.

[4][4-E. پارليامينٽري سيڪريٽري بنيادي اسڪول 21 جي عملدار کي ملندڙ طبي خرچ/ سهولتن کڻڻ جيترو حقدار هوندو.]

5. [5][XXXXX]

1. سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 1996 مورخ 13.3.1996 جي دفعه 4-A جا اهي لفظ بدلايا ويا.
2. سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 1996 مورخ 13.3.1996 جي دفعه 4-B جي شق (i) ۾ تبديلي آندي ويندي.
3. سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 1996 مورخ 13.3.1996 جي دفعه 4-D ۾ لفظ بدلايا ويا.
4. سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 1996 مورخ 13.3.1996 جي دفعه 4-E وڌايو ويو.
5. سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 1996 مورخ 13.3.1996 تي دفعه 5 ڪڍيو ويو.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**